هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنّتن ڀريو بيان

5 January 2017



# الله وارن جو اختيار

(SINDHI)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# اللّٰه وارن جو اختيار

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُولَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيتُ سُنَّتَ الاِعتِكاف

(مون سنّتِ اعتكاف جي نيّت كئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتكاف جي نيّت كري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتكاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ كائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُودِپاڪ جي فضيلت

اميرُالْمُؤمِنِين حضرتِ سيدُنا عُمَر بن خطّاب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُ فرمائن ٿا:
اِنَّ الدُّعَاءَ مَوْقُوْفٌ بَيْنَ السَّمَاءِ وَالْاَرْضِ لَا يَصْعَدُ مِنْهُ شَيئٌ حَتّٰى تُصَلِّيَ عَلٰى نَبِيك صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم يعني بيشڪ دُعا زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ رهندي آهي ۽ ان مان ڪا شيءِ مٿي ڏانهن ناهي ويندي جيستائين توهان پنهنجي نبي اَكرم نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُرُودِ پاڪ نہ پڙهي ونو.(ترمذي،كتاب الوتر،باب ماجآء في فضل الصلوة...الخ،٢٨/٢،حديث:٤٨٦)

ميری زبان تر رہے ذکر و درود سے
بے جا ہنسوں کبھی نہ کروں گفتگو فُضول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پھريان سٺيون سٺيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ. يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بھتر آھي.

(المعجم الکبير للطبراني، باب السين،سھل بن سعد الساعدی الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

**ٻہ مدني گُل:** 1 بنا سٺي نيت جي ڪنھن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناھي ملندو.

2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاھون جھڪائي انتھائي توجھ سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويھڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگھيو گوڏا وچائي ويھندس ❁ ضرورت طور سوڙھو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گھورڻ، جھڻڪڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مٽي سون بڻجي وئي

هڪ ڀيري هڪ عورت بابا فريدُ الدين مسعود گنجِ شڪر رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰي عَلَيه جي بارگاھ ۾ حاضر ٿي چيائين تہ يا حضرت! منھنجون ٽي (3) جوان ڌيئرون آھن، جن جي شادي ڪرڻي آھي، اوھان مدد فرمايو. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰي عَلَيه خادمن کي فرمايو: جيڪو ڪجھ بہ درگاھ ۾ مَوجُود آھي اھو عورت کي ڏئي ڇڏيو. خادمن عرض ڪيو: سائين! اڄ ڪجھ بہ باقي ناھي بچيو. اھو ٻڌي عورت روئڻ لڳي تہ مان نھايت مجبور آھيان ۽ وڏي اميد ونئي آئي آھيان، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰي عَلَيه جن فرمايو: تہ

وجو ٻاھران ھڪ مٽي جو سر (پٿر )ڪٽي اچ، ھو مٽي جوسر (پٿر) ڪٽي آئي. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه ڏاڍيان آواز سان سوره اخلاص پڙھي ان تي دَم ڪيو تہ اھو مٽي جو سر(پٿر) سون بڻجي ويو، اِھو ڏسي سيئي ڏاڍا حيران ٿيا، عورت سون گھر کڻي وئي ۽ گھر وڃي ان بہ پاڪ صاف ٿي سوره اخلاص پڙھي مٽي جي ھڪ پٿر تي دم ڪيو پر ھو سون نہ بڻجي سگھيو، نيٺ ٽن ڏينھن تائين اھو ئي عمل ڪندي رھي پر ڪوفائدو نہ ٿيو. مجبور ٿي اھا عورت بابا فريد رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه جي بارگاھ ۾ حاضر ٿي ۽ چوڻ لڳي: سائين! مون بہ سوره اخلاص پڙھي پر مٽي سون نہ بڻجي. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمايائون: تہ تو عمل تہ اھو ئي ڪجھ ڪيو پر تنھن جي منھن ۾ فريد جي زبان نہ ھئي. ( الله كے سفير ، ص ۲۹۸ ملخصاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ھن حڪايت مان معلوم ٿيو تہ اللّٰهعَزَّ وَجَلَّ جا نيڪ ٻانھا پنھنجي دربار ۾ ايندڙ پريشان حالن، تنگدستن ۽ محتاجن جي مدد فرمائي ڪري انھن جي حاجت رَوائي فرمائيندا آھن، جيڪڏھن ڪنھن سوالي کي ڏيڻ جي لاءِ ھٿ وھٿ ڪجھ مَوجُود نہ ھجي تڏھن بہ اھي بزرگ سوالي کي ھٿين خالي ناھن موٽائيندا ۽ پنھنجي اِختيارن کي استعمال ڪندي مٽي کي سون بڻائي سوالي جي مُراد پُوري ڪندا آھن ۽ اھا بہ خبر پئي تہ اللّٰه وارن جي زبانن ۾ ھڪ الڳ ئي اثر ھوندو آھي شيخ طريقت ،اميرِ اھلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه ھن ڳالھ کي ھڪ مثال سان سمجھائيندي فرمائن ٿا: ”ڪارتوس“ شينھن کي بہ ماري سگھي ٿو جڏھن تہ بھترين بندوق سان چڱيءَ طرح فائر (FIRE) ڪيو وڃي، اھڙي طرح ايئن سمجھو تہ وِردَ ۽ وظيفا ۽ دعائون ”ڪارتوس“ وانگر آھن ۽ پڙھڻ واري جي زبان بندوق وانگر. جو دعائون اھي ئي آھن پر اسان جون زبانون صحابين ۽ ولين سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جھڙيون ناھن. جنھن زبان سان روزانو ڪوڙ، گلا، غيبت، چُغلي، گارگند، دل آزاري ۽ بد اخلاقي نڪرندي ھجي

www.dawateislami.net

ان ۾ تاثير ڪٿان ڪان اچي؟ اسان دعا تہ گهرندا ئي آهيون پر جڏهن مشڪل ايندي آهي تہ بزرگن وٽ حاضر ٿي ڪري بہ دعا جي درخواست ڪندا آهيون، چو؟ ان لاءِ تہ هر هڪ جو ذهن اهو ئي ٻڌيل آهي تہ پاڪ زبان مان نڪتل دعا وڌيڪ فائديمند هوندي آهي. (فيضانِ بسم الله، ص ١٦١) انهيءَ لاءِ اسان کي گهرجي تہ بزرگن جي سيرت تي عمل ڪندي انهن جهڙا نيڪ عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون، بدنگاهي کان بچڻ جي لاءِ اکين جو قُفلِ مدينہ لڳايون ۽ زبان کي فُضُول ۽ بيهوده گفتگو، ڪوڙ، غيبت، چُغلي ۽ ٻين آفتن کان بچائڻ جي لاءِ زبان جو قُفلِ مدينہ لڳايون. ان جي عادت بنائڻ ۽ ان تي اِستقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ سَفر کي پنهنجو مَعمُول بڻائي وٺو ۽ مدني انعامات جو رسالو پري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ تي پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ دنيا ۽ آخرت جون ڪوڙ ساريون پلائيون ملنديون. نيت کي ظاهر ڪندي زور سان نعري جو جواب ڏيو تہ،

اڄ کان پنهنجي اکين کي حرام کان بچائينداسين، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ...ڪوڙ، غيبت چغلي ۽ بيهوده ڳالهين کان زبان جي حفاظت ڪنداسين اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ مدني انعامات تي عمل ڪنداسين، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ...سڄي دنيا جي ماڻهن جين اصلاح جي ڪوشش لاءِ مدني قافلن ۾ سفر بہ ڪنداسين، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ... الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي پنهنجي نيتن تي ثابت قدم رهندي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

عمل کا ہو جذبہ عطا یا الٰہی گناہوں سے مجھ کو بچا یا الٰہی
میں نیچی نگاہیں رکھوں کاش! اکثر عطا کر دے شرم و حیا یا الٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي اجازت جي بِغير ڪو هڪ ذرّو بہ نٿو

ڏئي سگھي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا محبوب ٻانها ان جي ڏنل اختيارن ذريعي تَصرُّف فرمائيندا آهن ، جيڪڏهن ڪو مُحتاج انهن جي بارگاهہ ۾ سوال لاءِ هٿ ڦهلائي تہ حاجت رَوائي ڪندا آهن، مُصيبت زَده جي مُشڪل ڪشائي ڪندا آهن ، بيمارن کي شفايابي عطا ڪندا آهن فقط اهو ئي نہ بلڪ اولياء ڪرام تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ڏنل طاقت سان مُردن کي بہ زنده فرمائي ڇڏيندا آهن ، جيئن تہ

## هاٿي زنده ٿي ويو

هڪ ڀيري حضرت سيّدي احمد جام زنده پِيل رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا تہ رستي ۾ هڪ هنڌ تي ماڻهن جو ميڙ نظر آيو، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه ان ميڙ ڏانهن تشريف کڻي ويا. فرمايائون: ڇا ٿيو آهي؟ ماڻهن عرض ڪيو: هاٿي مري ويو آهي. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه ارشاد فرمايائون: ان جي سُونڊ صحيح آهي، اکيون بہ سلامت آهن، هٿ بہ اُهڙا ئي آهن، پير بہ اُهڙا ئي آهن. غرض سيني شين کي فرمايو تہ اهڙا ئي آهن پوءِ مري ڪيئن ويو؟ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه جو هي چوڻ هو جو هڪدم اهو هاٿي زندھ ٿي ويو، ان ڏينهن کان سندن لقب ”زنده پِيل“ (يعني هاٿي زنده ڪرڻ وارا) ٿي ويو. (ملفوظاتِ اعليٰ حضرت ،ص۴۴۹)

## ڇا ٻانهو مُئل زنده ڪري سگھي ٿو؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيشڪ موت ۽زندگي اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ جي اختيار ۾ آهي پر اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ڪنهن ٻانهي کي مُئل جيئري ڪرڻ جي طاقت بخشي تہ ان جي لاءِ ڪو مشڪل ناهي ۽ اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ جي عطا سان اسان ڪنهن ٻئي کي مُردا جيارينڌڙ مڃون تہ ان سان اسان جي ايمان تي ڪوبہ اثر ڪونہ ٿو پوي. جيڪڏهن شيطان جي ڳالهين ۾ اچي ڪنهن پنهنجي ذهن ۾ اِهو ويهاري ڇڏيو آهي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪنهن ٻئي کي مُئل جيارڻ جي طاقت ئي ناهي ڏني تہ ان جو اِهو نظريو رکڻ يقينًا قرآن پاڪ جي آيت جي سراسر خلاف آهي.

جيئن سيپاري 3سوره اٰلِ عمران آيت نمبر 49 ۾ حضرتِ سيدُنا عيسيٰ روحُ الله عليٰ نَبِيِنَا وَعَليهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلام جو قول واضح طور تي نقل ڪيو ويو آهي:

اَنِّیۡۤ اَخۡلُقُ لَکُمۡ مِّنَ الطِّیۡنِ کَھَیۡـَٔۃِ الطَّیۡرِ فَاَنۡفُخُ فِیۡہِ فَیَکُوۡنُ طَیۡرًۢا بِاِذۡنِ اللّٰہِ ۚ وَ اُبۡرِیُٔ الۡاَکۡمَہَ وَ الۡاَبۡرَصَ وَ اُحۡیِ الۡمَوۡتٰی بِاِذۡنِ اللّٰہِ ۚ

**ترجمو ڪنز الايمان:** مان توهان جي واسطي مِٽيءَ مان پکِي جِي شڪل ناهيندو آهيان پوءِ اُن ۾ ڦُوڪ هڻندو آهيان تہ اُهو فورًا پکِي ٿِي ويندو آهي الله جي حُڪم سان ۽ مان شِفا ڏيندو آهيان مادرزاد انڌي کي ۽ ڪوڙهہ واري کي ۽ مان مُئل جِياريندو آهيان الله جي حُڪم سان.

منا منا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو! حضرتِ سيدُنا عيسيٰ رُوحُ الله عليٰ نَبِيِنَا وَعَليهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلام صاف صاف اعلان فرمائي رهيا آهن تہ مان الله عَزَّ وَجَلَّ جي بخشيل قُدرت جي ذريعي مٽي مان پکي ٺاهي ان ۾ رُوح وجهندو آهيان، مادر زاد انڌن کي بينائي ۽ ڪوڙهين کي شِفا ڏيندو آهيان ايستائين جو مُردن کي بہ زندهہ ڪري ڇڏيندو آهيان. فيضانِ انبياءِ ڪرام سان اولياءِ عظام کي بہ اختيارات ڏنا ويندا آهن ۽ اهي بہ اهڙا ڪم سَرانجام ڏيندا آهن جو اسان جو عقل دَنگ رهجي ويندو آهي. جيئن تہ حضرت سَيدُنا سليمان عليٰ نَبِيِنَا وَعَليهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلام جا وزير حضرت آصف بن برخيا رَضِيَ الله تَعَاليٰ عَنْه الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا ڪيل اِختيار کي استعمال ڪندي اک ڇنڀ کان پهريان پهريان ملڪ يمن مان بلقيس جي تخت کي حضرت سليمان عَلَيه السَّلام جي بارگاهہ ۾ پيش ڪري ڇڏيو جيئن تہ قرآنِ پاڪ هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي: جيئن سيپاره 19 سُورَة النَّمْل آيت نمبر 40 ۾ ارشاد آهي:

اَنَا اٰتِیۡکَ بِہٖ قَبۡلَ اَنۡ یَّرۡتَدَّ اِلَیۡکَ طَرۡفُکَ ؕ

ترجمو ڪنز الايمان: مان ان کي حاضر ڪندس حضور ۾ اک ڇنڀ کان اڳ

منا منا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ هڪ وَلِيُ الله، الله عَزَّ وَجَلَّ جي عطا ڪيل

قوّت سان اَسّي (80) گز ڊگهو ۽ چاليهه گز ويڪرو جواهرات سان سينگاريل تخت نهايت گهٽ وقت ۾ ملڪ يمن مان حضرت سليمان عَلَيہِ السَّلَام جي درٻار ۾ پيش ڪري ڇڏيو. صدرُالشَّريعه مُفتي امجدعلي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: اولياءِ ڪرام کي الله عَزَّوَجَلَّ تمام وڏي طاقت ڏني آهي، انهن مان جيڪي (اولياء ڪرام جو قِسم) اصحابِ خدمت آهن، انهن کي تصرّف جو اختيار ڏنو ويو آهي، اجي، ڪاري جو مختار بڻايا ويندا آهن، هي حضرات نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمجا سچا نائب آهن، انهن کي اِختيارات ۽ تَصَرُّفات حضور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي نِيابت ۾ ملندا آهن غيبي عُلوم انهن تي ظاهر ٿيندا آهن. (بهارشريعت ،۲۶۷/۱) الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب ٻانهن تي انهن جو خُصُوصي ڪرم ٿيندو آهي انهن جي ڪمن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان مدد شامل ٿي ويندي آهي.

اولياء ڪرام جي تَصرُّف ۽ اختيار جي باري ۾ حديثِ پاڪ ٻڌو، جيئن ته سيدُ المبلغين، رَحمَةٌ لّلْعٰلمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو: ڪنهن ٻانهي منهنجي فرض ڪيل اَحڪامن جي بجا آوري کان وڌيڪ مَحبوب شيء سان منهنجو قُرب حاصل ناهي ڪيو ۽ منهنجو ٻانهو نفل جي ذريعي منهنجو قُرب حاصل ڪندو رهي ٿو ايستائين جو مان ان سان مَحَبَّت ڪرڻ لڳان ٿو، جڏهن مان ان سان مَحَبَّت ڪرڻ لڳندو آهيان ته مان ان جا ڪن بڻجي ويندو آهيان جنهن ذريعي هو ٻڌندو آهي، ان جون اکيون بڻجي ويندو آهيان جنهن سان اهو ڏسندو آهي، ان جا هٿ بڻجي ويندو آهيان جنهن سان هو پڪڙيندو آهي ۽ ان جا پير بڻجي ويندو آهيان جنهن سان هو هلندو آهي، جيڪڏهن هو مون کان سوال ڪري ته مان ان کي ضَرور عطا ڪندو آهيان ۽ جيڪڏهن ڪنهن شيء کان منهنجي پناهه چاهي ته مان ان کي ضرور پناهه عطا ڪندو آهيان. ( بخاري،ڪتاب الرقاق،باب التواضع،۲۴۸/۴،حديث:۶۵۰۲)

www.dawateislami.net

مُفَسِّرِ شهير،حڪيمُ الْاُمَّت، مُفْتِي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه هن حديث پاڪ تحت فرمائن ٿا: هن عبارت جو هي مطلب ناهي تہ رب تعاليٰ وَلي ۾ حُلُول ڪري ويندو آهي جيئن ڪوئلي ۾ باھ يا گُل ۾ رنگ ۽ خوشبُو، ڇوتہ رب تعاليٰ حُلُول کان پاڪ آهي ۽ هي عقيدو (رکڻ) ڪفر آهي (بلڪ هن حديث جو مطلب هي آهي) تہ هو بانهو فَنا فِي اللّٰه ٿي ويندو آهي جنهن سبب خدائي طاقتون ان جي عضوئن ۾ ڪم ڪنديون آهن ۽ هو اهڙا ڪم ڪري وٺندو آهي جيڪي عقل کان وَراء آهن (جيئن تہ) حضرت سليمان (علي نَبِيِّنَا وَعَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلام) ٿي ميل جي مفاصلي تان ڪيولي جو آواز ٻڌي ورتو، حضرت آصف برخيا (رَضِيَ الله تَعَالٰي عَنْه) اک ڇنڀ کان پهريان يمن مان تختِ بلقيس کڻي شام ۾ حاضر ڪري ڇڏيو. حضرت عُمر (رَضِيَ الله تَعَالٰي عَنْه) مدينہ منوره کان خُطبو پڙهندي نَهاوند تائين پنهنجو آواز پهچايو. حُضورِ اَنْوَر (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) قيامت تائين جا واقعا اکين سان ڏسي ورتا. هي سڀ انهيء طاقت جا ڪرشما آهن. (مِراٰة المناجيح، ٣/٣٠٨ ملتقطا)

اولیاء کا جو کوئی ہو بے ادب
نازل اُس پہ ہوتا قہر و غضب

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ولي الله ڪنهن کي چئبو آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اولياءِ ڪرام جي تصرفات جي باري ۾ وڌيڪ واقعا ٻڌڻ کان پهريان هي بہ ٻڌي وٺو تہ ولي ڪنهن کي چئبو آهي: وَلِي الله اهو آهي جيڪو فرضن جي ادائيگي سان الله عَزَّوَجَلَّ جو قُرب حاصل ڪري ۽ الله تعاليٰ جي اطاعت ۾ مشغول رهي ۽ ان جي دل الله تعاليٰ جي نُورِ جلال جي معرفت ۾ مستغرق (ٻڏل) هجي، جڏهن ڏسي قدرتِ الٰهي جي دلائل کي ڏسي ۽

جڏهن ٻڌي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جون آيتون ئي ٻڌي ۽ جڏهن ڳالهائي تہ پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي ساراهہ ڪندي ڳالهائي ۽ جڏهن ڇُرپر ڪري، اطاعتِ الٰهي ۾ چر پر ڪري ۽ جڏهن ڪوشش ڪري تہ انهيءَ ڪم ۾ ڪوشش ڪري جيڪي قربِ الٰهي جو ذريعو هجن، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر سان نہ ٿڪي ۽ دل جي نگاهہ سان خدا جي علاوه غير ڪي نہ ڏسي. هي صفت اَولياء جي آهي، ٻانهو جڏهن ان حال تي پهچندو آهي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جو ولي ۽ ناصر ۽ مُعين و مددگار ٿيندو آهي. (صراط الجنان ، ۳۴۳/۴)

## ڪرامت ڇاکي چئبو آهي

صدرُ الشَّريعہ، بدرُ الطَّريقہ حضرت علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه بهارِ شريعت ۾ ڪرامت جي وصف بيان ڪندي فرمائن ٿا: ولي کان جيڪا ڳالهہ عادت جي خلاف صادر ٿئي، ان کي ڪرامت چئبو آهي. (بهارِ شريعت، حصہ اول، ۵۸/۱ بتغير قليل) شيخ الحديث حضرت علّامہ مولانا مفتي عبدُالمُصطَفٰي اَعظمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه اِرشاد فرمائن ٿا: مُؤمِن مُتَّقِي کان جيڪڏهن ڪا اهڙي نادِرُ الوُجُود ۽ تعجب ۾ وجهندڙ شيء صادر ۽ ظاهر ٿئي جيڪا عام طور تي عادتاً نہ ٿيندي آهي تہ ان کي ”ڪرَامَت“ چون ٿا. انهيء قسم جون شيون جيڪڏهن انبياء عَلَيهِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ کان اعلان نُبُوّت کان پهريان ظاهر ٿين تہ ”اِرهَاص“ ۽ اِعلانِ نُبُوّت کان بعد ٿين تہ ”مُعجِزَو“ چورائيندا آهن ۽ جيڪڏهن عام مؤمنن کان ان قسم جي شين جو ظهور ٿئي تہ ان کي ”مَعُونَت“ چوندا آهن ۽ ڪنهن ڪافر کان ڪڏهن ان جي خواهش جي مُطَابِق ان قسم جون شيون ظاهر ٿين تہ ان کي ”اِستِدرَاج“ چيو ويندو. (ڪراماتِ صَحَابہ، ص۳۶) خلافِ عادت ڳالهہ مان مُراد اهو ڪم آهي جيڪو عام طور تي هر ڪنهن انسان کان ظاهر نہ ٿيندو هجي مثال طور هوا ۾ اُڏامڻ، پاڻي تي هلڻ وغيره فعل تہ عام طور تي ماڻهو نہ تہ هوا ۾ اُڏامي سگهي ٿو ۽ نہ ئي پاڻي تي هلي سگهي ٿو. (فيضانِ مزاراتِ اولياء،ص۴۶)

## پاڻي تي تصرفات

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً اولياء ڪرام کي الله عَزَّوَجَلَّ هوا ۾ اُڏامڻ جي طاقت عطا ڪئي آهي جيڪي بنا پرن جي آساني سان هوا ۾ اڏامندي هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ پهچي سگهن ٿا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جا ڪجهه نيڪ ٻانها اهڙا به هوندا آهن جيڪي سمنڊن ۽ دريائن کي به پنهنجو تابع ڪندا آهن ۽ پاڻي تي بلاخوف اهڙي طرح هلي سگهن ٿا جهڙيءَ طرح خشڪي تي هلندا آهن، جيئن

## ست هزارن جو لشڪر دريا ۾

روايتن ۾ اچي ٿو ته جنگِ فارس ۾ حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُ اسلامي لشڪر جا سپہ سالار هئا. سفر دوران رستي ۾ درياء دجلہ کي پار ڪرڻ جي ضرورت پيش آئي ۽ ٻيڙيون موجود نہ هيون. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُ لشڪر کي دريا ۾ هلڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو ۽ پاڻ سڀني کان اڳ هي دُعا پڙهندي دريا تي هلڻ لڳا "نَسْتَعِينُ بِاللّٰہ وَنَتَوَكَّلُ عَلَيهِ وَحَسْبُنَا اللّٰہ وَنِعْمَ الْوَكِيلُ وَلَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّابِاللّٰہ الْعَلِيِّ الْعَظِيم" ماڻهو پاڻ ۾ بلا جهجهڪ هڪ ٻئي سان ڳالهيون ڪندي گهوڙن وارا گهوڙن تي سوار، اُٺن وارا اٺن تي سوار، پيدل هلڻ وارا پيدل پنهنجي پنهنجي سامانن سان گڏ دريا تي اهڙي طرح هلڻ لڳا جهڙي طرح ميدانن ۾ قافلا گذرندا رهندا آهن. (دلائل النبوة لابي نعيم، الفصل التاسع و العشرون، عبور سعد بن ابي وقاص...الخ، جزء ٢،ص٣٤١-٣٤٢۔رقم: ٥٢٢ملخصاً)

## آسمانن تي به حڪمراني

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ اللهعَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها ان جي ڏنل طاقت سان پاڻي ۽ هوا تي بہ هلي سگهن ٿا ۽ هي حضرات اهڙي شان وارا هوندا آهن جو انهن جون دُعائون رَد ناهن ٿينديون سخت ڏڪار جي عالم ۾ جڏهن بارگاهه خداوندي ۾ هٿ کڻي برسات جي دُعا ڪن تہ الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي دعائن جي برڪت سان ڇما ڇم برسات وسائي اُڃايلن کي سيراب ۽ کيتن ۽ باغن کي سرسبز وشاداب ڪري ڇڏيندو آهي جيئن تہ

# رحمت پري برسات جو وسڻ

منقول آهي تہ هڪ ڀيرو سيوهڻ شريف (بابُ الاسلام سنڌ) ۾ ان جي آس پاس جي علائقن ۾ شديد ڏڪار ٿيو ايستائين جو ڪائڻ جي ڪا شيء پري پري تائين نظر نہ ايندي هئي، نهرون خشڪ ٿي ويون، کوھ سڪي ويا، پاڻي جو ملڻ دشوار ٿي ويو. ڏڪار جي ڪري ايتري قدر خوفناڪ صورت حال ٿي وئي جو زندھ بچڻ جي ڪا اُميد ڏسڻ ۾ نہ ايندي هئي. نيٺ علائقي وارا گڏ ٿي حضرت لعل شهباز قلندر سيد محمد عثمان مَروَندي ڪاظمي قادري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه جي خانقاھ وٽ گڏ ٿيا ۽ فرياد ڪرڻ لڳا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه اَمر بِالْمَعْرُوْف ۽ نَهی عَنِ الْمُنْكَر (نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ) جو فريضو ادا ڪندي فرمايائون: توهان سڀ الله جي بارگاھ ۾ گناهن کان سچي توبہ ڪيو ۽ مون سان گڏ دعا گھرو. ماڻهن هڪدم الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ عالي ۾ پنهنجن گناهن جي معافي گھري ۽ توبہ استغفار ڪرڻ لڳا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ دُعا جي لاءِ هٿ ڪنيا ۽ برسات ۽ خوشحالي جي دعا گھري. چيو وڃي ٿو تہ اجا حضرت لعل شهباز قلندر رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه دعا گھري پنهنجي حُجري مبارڪ ۾ داخل بہ نہ ٿيا جو الله عَزَّوَجَلَّ سندن دعا کي قبولي ورتو ۽ رحمت ڀريو مينهن وسڻ لڳو. الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل وڪرم ۽ حضرت سَيدُنا لعل شهباز قلندر رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه جي دعا قبول ٿيڻ جي خوشي ۾ ماڻهن ڪاڏو پچائي غريبن ۽ مسڪينن ۾ ورهايو. حضرت سيدنا لعل شهباز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه عشاء نماز جي ادائيگي کان بعد اجتماعِ ذڪرونعت جو اهتمام ڪيو ۽ ماڻهن گڏجي الله عَزَّ وَجَلَّ جو ذڪر ڪيو ۽ حضور پُرنور صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذات گرامي تي خوب درود ۽ سلام پيش ڪيو. (شان قلندر،ص٣١١ ملخصا)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت ٿئي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

منا منا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان معلوم ٿيو ته جڏهن ڪا مصيبت پهچي ته الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جي بارگاهه ۾ حاضر ٿي انهن کان دُعا ڪرائڻ گهرجي ته الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جون دعائون فوراً بارگاهه عالي ۾ قبول ٿي وينديون آهن. ۽ هي به خبر پئي ته الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ملڻ تي جائز طريقي سان خوشي جو اظهار ڪرڻ گهرجي تڏهن ته حضرت سَيِدُنا لعل شهباز قلندرعثمان مَروَندي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه اجتماعِ ذڪر ۽ نعت جو اهتمام ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪيو ۽ چو نه ڪجي جو هنن الله وارن جي ته سڄي زندگي قرآن ۽ سُنَّت جي تعليمات جو عملي نمونو هوندي آهي. پر افسوس صد افسوس! اسان جي اڪثريت انهن نيڪ هستين جي طريقي تي هلڻ جي بدران خوشي جي موقعن تي پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ڪندي نظر ايندي آهي، خُوب بي حَيائي جو بازار گرم ٿيندو آهي جنهن ۾ هڪ ٻئي جا حق پامال ڪيا ويندا آهن، ڪجهه نادان ماڻهو خوشي جي انهن لمحن ۾ مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ ڳائڻ وڄائڻ جون محفلون سجائيندا آهن جنهن ۾ سڄي سڄي رات ڇوڪرا ۽ بي پرده ڇوڪريون نچنديون ڳائينديون آهن ۽ ان طرح مخلوط (Mix) ماحول ۾ ماڻهو بدنگاهي جي سبب پنهنجي اکين کي حَرام سان پريندا آهن. ياد رکو! شادي وهانءِ ۽ خُوشي جا ٻيا موقعا الله عَزَّوَجَلَّ جي عظيم نعمت آهن، اسان کي هنن لمحن کي صحيح انداز سان گذارڻ جو طريقو به معلوم هئڻ گهرجي، الله عَزَّوَجَلَّ جي ڏنل ان نعمت جو شڪر ادا ڪرڻ جي لاءِ سڀ کان پهريان ان پُرمسرت گهڙين ۾ رَبّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني کان بچڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. حضرت سَيِدُنا زِيادبِن عُبيد رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه کان منقول آهي: نعمت ماڻڻ واري تي الله عَزَّوَجَلَّ جو هڪ حق هيءُ آهي ته هو ان نعمت جي ذريعي نافرماني نه ڪري. (تاريخ مدينه دمشق لابن عساڪر، زياد بن عبيد،١٩١/١٩) الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمت جو شڪر ادا ڪرڻ جا ڪجهه جائز طريقا هي آهن ته زبان سان الله عَزَّوَجَلَّ جي حمد ڪئي وڃي، تلاوتِ قرآن پاڪ ۽ اجتماعِ ذڪر ۽ نعت جو اهتمام ڪيو وڃي، نعمت ملڻ جي خوشي ۾ سجده شڪر ادا ڪيو وڃي چوته اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ

www.dawateislami.net

وَسَلَّم کي جڏهن ڪا خوشي حاصل ٿيندي هئي تہ آقا ۶ دوعالم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سجده شڪر ادا ڪندا هئا.“ (ابن ماجه ،٢/١٦٣،حديث:١٣٩٤)

اچو! انهيءَ ضمن ۾ شيخ طريقت، اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي تصنيف ”نماز جا احڪام“ صفحي 285 تان سجده شڪر ادا ڪرڻ جا موقعا ۽ ان جو طريقو ٻڌون ٿا پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: اولاد پيدا ٿي يا دولت ملي يا گم ٿيل شيءِ ملي وئي يا مريض کي شفا ملي يا سفر تان واپس موٽيو الغرض تہ ڪنهن بہ نِعمت حاصل ٿيڻ تي سجدهءِ شڪر ڪرڻ مستحب آهي. ان جو طريقو اهوئي آهي جيڪو سجدهءِ تلاوت جو آهي. (عالمگيري، ج1، ص136ردالمحتار ج 2 ص 720) اهڙيءَ طرح جڏهن بہ ڪا خوشخبري يا نِعمت ملي تہ سجدهءِ شڪر ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي مثال طور مدينهءِ منوره جي ويزا لڳي وئي، ڪنهن تي انفرادي ڪوشش ۾ ڪاميابي ٿي ۽ اهو دعوتِ اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ سفر جي لاءِ تيار ٿي ويو، ڪنهن سُنّي عالمِ باعمل جي زيارت ٿي وئي، مبارڪ خواب نظر آيو، طالب علمِ دين امتحان ۾ ڪامياب ٿيو، آفت ٽري وئي ۽ ڪو اسلام جو دشمن مُئو وغيره وغيره.(هنن سڀني موقعن تي سجده شڪر ڪرڻ مستحب آهي)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي شريعت جي دائري ۾ رهندي خوشيون ملهائڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

گناہوں سے مجھ کو بچا یا الٰہی
بری عادتیں بھی چھڑا یا الٰہی

خطائوں کو میری مِٹا یا الٰہی
مجھے نیک خصلت بنا یا الٰہی

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# اِمام رازي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه ۽ شيطان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هنن بزرگن جي سيرت تي هلندي زندگي گذارڻ نه صرف دنيا ۽ آخرت ۾ ڪوڙ ڀلائيون ماڻڻ جو سبب آهي بلڪ هنن نيڪ هستين سان نسبت اسان جي آخري وقت ۾ به ڪم ايندي آهي. جيئن ته شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه پنهنجي رسالي ”وَسوسا ۽ اُن جو علاج“ ۾ نقل ڪن ٿا ته امام فخرالدّين رازي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه جي نزع جو وقت جڏهن ويجهو آيو ته شيطان وٽس آيو، ان وقت شيطان پوري ڪوشش ڪندو آهي ته ڪيئن به هن شخص جو ايمان سلب ٿي وڃي (ان جو ايمان ڇنجي وڃي)، جيڪڏهن ان وقت اهو ڀانهو ايمان تان ڦري ويو ته پوءِ ڪڏهن به نه موٽندو، شيطان ان کان پڇا ڪئي توهان سموري عمر مناظرن، مباحثن ۾ گذاري آ، ڇا خدا عَزَّ وَجَلَّ کي به سڃاتو؟ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمايو: بيشڪ خدا عَزَّ وَجَلَّ هڪ آهي ان (يعني شيطان) چيو: ان تي ڪهڙو دليل آهي؟ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه هڪ دليل ڏنو، شيطان خبيث مُعَلِّمُ المَلَكُوت (يعني ملائڪن جو استاد) رهي چڪو هو، ان اهو دليل ٽوڙي ڇڏيو، انهن ٻيو دليل ڏنو، ان اهو دليل به ٽوڙي ڇڏيو، ايستائين جو ٽي سؤ سٺ (360) دليل امام صاحب قائم ڪيا، ان اهي سڀ دليل (پنهنجي زُعمِ فاسد ۾) رد ڪيا، هاڻي امام صاحب سخت پريشاني ۾ ۽ نهايت مايوس هئا، سندن پير حضرت سيدنا شيخ نجم الدين ڪُبريٰ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه ڪنهن ٻي پري جاءِ تي وضو فرمائي رهيا هئا، اتان امام رازي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه کي آواز ڏنو:” ائين چونه ٿا ڇئو ته مان خدا عَزَّوَجَلَّ کي بنا دليل جي هڪ مڃان ٿو“

**(ملفوظات ،حصه چهارم ،ص۴۹۳)**

بوقتِ نزع آقا ہو نہ جاؤں میں کہیں برباد
مرا ایمان رکھ لینا سلامت یا رسول اللہ

www.dawateislami.net

# ڪامل مُرشِد سان بيعت ڪري وٺو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان خبر پئي ته الله عَزَّ وَجَلَّ پنهنجي نيڪ ٻانهن کي ايتري قدر طاقت عطا فرمائي آهي جو هي حضرات ميلن ڪان پري جا احوال ملاحظ ڪري وٺن ٿا بلڪ مدد به ڪن ٿا جيئن ته حضرت شيخ نجمُ الدين ڪبرٰي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه پنهنجي مريد جي آخري وقت ۾ شيطان ڪان انهن جو ايمان بچائي ورتو ۽ پڻ هي به معلوم ٿيو ته دنيا ۾ ڪنهن نيڪ ۽ جامع شرائط پير جي هٿ ۾ هٿ ڏيڻ يعني ان جو مُريد ٿيڻ ايمان جي حفاظت جي لاءِ مُفيد آهي. ڪنهن کي پير ان ڪري ٺاهيو ويندو آهي ته جيئن آخرت جي معاملن ۾ بهتري اچي ان جي رهنمائي ۽ باطني توجُّه جي بَرَڪت سان مُريد اللهعَزَّ وَجَلَّ ۽ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمجي ناراضي وارن ڪمن ڪان بچندي رِضاء رَبُّ الاَنام جي مَدَني ڪم جي مُطابق پنهنجا ڏينهن رات گُذاري سگهي. پر اَفسوس! اڄوڪي زماني ۾ اڪثر ماڻهن پيري مُريدي جهڙي اَهم مَنصَب کي دُنيا حاصل ڪرڻ جو ذَريعو ٺاهي رکيو آهي. بي شُمار بدعَقيده ۽ گمراه ماڻهو به تَصَوُّف جو ظاهري لباس پائي ماڻهن جي دِين ۽ اِيمان کي برباد ڪري رهيا آهن. ڪامل پير جا شرط ۽ وصف ۽ ٻي وڌيڪ معلومات جي لاءِ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب آداب مرشد ڪامل جو مطالعو ڪيو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ مفيد معلومات سان گڏوگڏ مرشد ڪامل سان بيعت ٿيڻ جو ذهن ٺهجندو. جيڪڏهن اوهان اڃا تائين ڪنهن پير صاحب کان مُريد نه ٿيا آهيو ته پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄوڪي دور ۾ مرشدِ ڪامل جي هڪ مثال شَيخ طريقت، اميرِاَهلسنّت باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه به آهن اوهان انهن سان مُريد ٿي سگهو ٿا، جنهن جي تَقويٰ ۽ پرهيز گاري جي برڪت دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول جي صورت ۾

اسان جي اڳيان واضح طور تي موجود آهي، پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي ولايت پري نگاهه ۽ حڪمتن پري مَدَني تَربيت سڄي دُنيا ۾ لڪين مُسلمانن بالخُصوص نوجوانن جي زِندگين ۾ مَدَني انقِلاب برپا ڪري ڇڏيو آهي. ڪيترا ئي بي نمازي سندن نگاهه فيض سان نمازي بڻجي ويا. ماءُ پيءُ سان نازيبا رويو اِختيار ڪرڻ وارا بااَدب بڻجي ويا، ڳائڻ وڄائڻ وارا مَدني مُذاڪري ۽ سُنَّتن پريا بيان ٻڌڻ وارا بڻجي ويا، فلمي گيت ڳائڻ وارا نعتِ مُصطفٰي پڙهڻ وارا بڻجي ويا، مال جي مَحَبَّت ۾ جيئڻ مرڻ وارن کي فڪرِ آخرت جي مَدَني سوچ نصيب ٿي وئي، تَفريحي هنڌن تي وڃي پنهنجو وَقت برباد ڪرڻ وارا سُنَّتن پري اجتماعن ۾ اَوَّل تا آخر شِرڪت ڪرڻ وارا بڻجي ويا. تنهنڪري اوهان به شيخ طريقت، اميرِاَهلسنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جو فيض حاصل ڪرڻ، پنهنجي حياتي جي مَقصد کي ڪامياب بنائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو.

تیرا شکر مولا دیا مدنی ماحول
نہ چھوٹے کبھی بھی خدا مدنی ماحول
سلامت رہے یاخدا مدنی ماحول
بچے بد نظر سے سدا مدنی ماحول

خدا کے کرم سے خدا کی عطا سے
نہ دشمن سکے گا چھڑا مدنی ماحول

دعا ہے یہ تجھ سے دل ایسا لگا دے
نہ چھوٹے کبھی بھی خدا مدنی ماحول

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ! صلَّی اللہ تعالٰی علٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "يوم تعطيل اعتڪاف"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نيڪ ٻڻجڻ بڻائڻ، گناهن کان بچڻ ۽ ٻين کي بچائڻ ۽ نيڪي جي ڪمن ۾ مزيد تَرقّي جي لاءِ ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن ۾ وڏ کان وڏ حصو وٺو. ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "يومِ تَعطِيل اِعتِڪاف" بہ آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هي اِعْتِڪاف مسجد ۾ ٿيندو آهي تہ ان سان مسجدون بہ آباد رهنديون ۽ مسجد جي آداب جو خيال رکڻ ۽ هر طرح جي بي اَدَبي کان بچڻ جي صُورت ۾ اسان جو مسجد ۾ گذاريل هر هر گهڙي بہ عِبادَت ۾ شُمار ٿيندي، مسجد سان مَحَبَّت ڪرڻ ۽ ان ۾ پنهنجو وڌ کان وڌ وقت گُذارڻ جي وڏي فضيلت آهي جيئن

حضرت سَيدُنا ابُو سَعِيد خُدْرِي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوّت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايائون: جڏهن توهان ڪنهن شخص کي ڏسو تہ هو مسجد ۾ ڪثرت سان اچ وڃ رکڻ وارو آهي تہ ان جي اِيمان جي گواهي ڏيو ڇوتہ (سيپاري 10 سُورة التوبہ آيت نمبر 18 ۾ ) الله خالق ۽ مالڪ عَزَّوَجَلَّ جو ارشادِ پاڪ آهي :

اِنَّمَا یَعۡمُرُ مَسٰجِدَ اللّٰہِ مَنۡ اٰمَنَ بِاللّٰہِ وَ الۡیَوۡمِ الۡاٰخِرِ (پ ۱۰ ،التوبہ :۱۸)

ترجمو ڪنز الايمان : الله جُون مسجدُون تہ فقط اُهي ئِي آباد ڪندا آهِن جيڪِي الله ۽ قِيامَت تي اِيمان رکن (ٿا).

(ترمذی ، کتاب الایمان ، با ب ماجاء فی حرمۃ الصلوۃ ،رقم: ۲۶۲۶، ۲۸۰/۴ )

حضرت سَيدُنا ابُوسَعِيد خُدري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُ کان روايت آهي تہ رحمت عالَم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ارشاد جيڪو مسجد سان مَحَبَّت ڪندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي پنهنجو مَحبوب بڻائي ڇڏيندو آهي.

(مجمع الزوائد ،کتا ب الصلوۃ ،با ب لزوم المساجد ،رقم:۲۰۳۱، ۱۳۵/۲)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سنّتن ڀري غير سياسي مَدَني

تحريڪ هي عزم رکي ٿي تہ ڪنهن بہ طرح امّت جو ٻچو ٻچو نمازي بڻجي وڃي، مسجدن جي رونق موٽي اچي. شيخِ طريقت، اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مسجدون آباد رکڻ جي لاءِ هڪ مدني انعام هي بہ عطا فرمايو آهي تہ ”ڇا اڄ اوهان پنج ئي نمازون مسجِد جي پهرين صف ۾ تڪبيرِ اُوليٰ سان باجماعَت ادا ڪيون؟ ۽ هر دفعي ڪنهن هڪ کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃڻ جي ڪوشش فرمائي؟“

## مجلس خدام المساجد

شيخِ طريقت، امير اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه الله عَزَّ وَجَلَّ جي عبادت ۽ مسجدن کان ايتري قدر مَحَبَّت فرمائيندا آهن جو پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه الله عَزَّوَجَلَّ جي گهرن کي آباد ڪرڻ جي لاءِ مَجْلِس خُدَّامُ المَسَاجِد بڻائي جنهن جو ڪم شيخ طريقت، امير اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي هن خواب جي تڪميل آهي تہ ”اي ڪاش! اسان جون مسجدون آباد ٿين، انهن جون رونقون موٽي اچن ۽ خالق ۽ مخلوق جي وچ ۾ نفس ۽ شيطان جي ڪري جيڪا دُوري پيدا ٿي چڪي آهي اها قُرْب ۾ بدلجي وڃي. مجلس “خُدَّامُ الْمَسَاجِد” پُراڻين مسجدن کي آباد ڪرڻ جي ڪوشش سان گڏوگڏ نئين مَسجدن جي تعمير جي لاءِ بہ هر وَقت ڪوشش ڪندي رهندي آهي اهو ئي سبب آهي جو نہ صر ف پاڪستان بلڪ سڄي دُنيا ۾ مَسجدن جي تعمير ۽ انهن کي آباد ڪرڻ جو سلسلو هر وَقت جاري رهندو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول مسجدون آباد ڪرڻ، ماڻهن کي نمازي بنائڻ، گناهن کان بچائڻ ۽ صلوٰة ۽ سُنَّت جي راهہ تي هلائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ان مدني ماحول جي برڪت سان ڪهڙا ڪهڙا بگڙيل انسان سُڌري ويا ان جي هڪ جهلڪ ان مدني بهار ۾ مُلاحَظہ ڪيو،

## نيوائيرنائٽ ملهائڻ کان پاسو ڪيو

گوجرانوالہ (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجهہ هن طرح آهي تہ منهنجو تَعلّق هڪ خوشحال گهراڻي مان هو، نہ نماز پڙهندو هئس

نہ قرآن بلڪ شراب نوشي، بدڪاري، جُوا بازي جو شوقين هئس ايستائين جو پنهنجون زمينون وڪڻي وڪڻي جوا کيڏندو هئس. زال ۽ ٻارن کي بہ تنگ ڪندو هئس. منهنجي ڪردار جي ڪري منهنجا گهر وارا بہ سخت پريشان هئا. هو اڪثر مون کي بُرائين کان روڪيندا هئا پر مان نہ مڃيندو هئس. هڪ ڀيري مون پنهنجي اوطاق تي نيوائير نائٽ ملهائڻ جو پروگرام بڻايو، شراب نوشي ۽ بدڪاري جا سمورا لوازمات گڏ ڪيا،31 ڊسمبر جي رات منهنجا يار بداطوار سڀئي منهنجي اوطاق تي گڏ ٿيا. تقريباً 10 بجي آئون گهر آيس تہ 12بجي تائين موٽي ايندس. گهر پهچي مون ٽي وي کوليو ۽ چينل بدلي ڪندي مدني چينل منهنجي اڳيان اچي ويو جنهن تي هڪ بُزرگ (يعني اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه) نيو ائير نائٽ ملهائڻ وارن کي سمجهائي رهيا هئا، انداز اهڙو پيارو ۽ دلچسپ هو جو مون اهو بيان ٻڌڻ شروع ڪري ڇڏيو، ان بيان مان مون کي وڏي معلومات ملي ۽ عبرت تي تہ اسان ڇا ڪرڻ وڃي رهيا هئاسين، آئون خوفِ خدا کان روئڻ لڳس ۽ نيت مون نيوائير نائٽ ۾ خرافات ڪرڻ ۽ ٻين گناهن کان توبہ ڪري ورتي . ٻي پاسي منهنجا دوست منهنجي انتظار ۾ هئا، جڏهن آئون نہ پهتس تہ اهي مون کي فون ڪرڻ لڳا پر مون پنهنجو موبائل بند ڪري ڇڏيو ۽ سمهي رهيس. بَدلِيَل صُبح سان منهنجي نئي زندگي جو آغاز ٿيو، مون برائيون ۽ بُري صحبت ڇڏي ڏني، پنهنجو موبائل نمبر بہ تبديل ڪري ورتو تہ جيئن بُرن دوستن کان نجات ملي، قادري عطاري سلسلي ۾ بيعت ٿي شيخ طريقت اميرِ اهلسنّت باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو مُريد بہ بڻجي ويس. پهريان ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سفر ڪيو پوءِ دعوتِ اسلامي جي زيرِ انتظام ٿيڻ واري 30 ڏينهن جو اجتماعي اعتڪاف بہ ڪيو. ڏاڙهي وڌائي ورتي، مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهڻ شروع ڪري

ڇڏيو. هي سڀ دعوتِ اسلامي جو فيضان آهي نه ته ان وقت خبر ناهي ته مان ڪهڙي حال ۾ هجان ها!

بنایا مجھ کو اپنا ہے تیرا احسان ہے مرشد
ملا مجھ کو یہ رتبہ ہے تیرا احسان ہے مرشد
تیری نسبت نے مجھ کو کر دیا ہے کیا سے کیا مرشد
رکھا کیا مجھ میں ورنہ ہے تیرا احسان ہے مرشد
بھٹکتا پھر رہا تھا دشتِ عصیاں

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن به موقعو ملي ته الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جي بارگاهه مان فيض ماڻڻ جي لاءِ انهن جي صحبت ۾ ويهڻ گهرجي ۽ ٻين سنين سنين نيتن سان گڏوگڏ دل ۾ هي ارادو به هئڻ گهرجي ته مان انهن کان ديني ۽ اُخروي فائدي جي لاءِ انهن جي صحبت اختيار ڪري رهيو آهيان. الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جي صحبت اختيار ڪرڻ جو هڪ فائده هي به ٿيندو آهي ته انهن جي سيرت ۽ ڪردار ۽ سٺا عمل ڏسي پاڻ کي به گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جي توفيق ملي ويندي آهي، دل جي سختي دور ٿيندي آهي ان ۾ رِقّت ۽ نرمي پيدا ٿي ويندي آهي، ايمان تي خاتمو ۽ قبر ۽ حشر جي هولناڪ مُعاملن جي فڪر نصيب ٿيندي آهي. پر جڏهن به اها سعادت نصيب ٿئي ته ڪنهن دُنياوي لالچ ۾ هرگز نه وڃو بلڪ ديني نفعو حاصل ڪرڻ جي نيت سان وڃڻ گهرجي، جيئن

## دل جي ڳالهه ڄاڻي ورتي

شيخِ طريقت، امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فيضانِ سنّت جلد اول صفحه 419 تي نقل فرمائن ٿا: حضرت داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: اسان ٽي دوست حضرت سيّدُنا **شيخ ابن عَلا** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي زيارت جي لاءِ

”رملہ“ نالي ڳوٺ ڏانهن هلياسين، رستي ۾ هي طئي ٿيو تہ اسان مان هر شخص کا نہ کا مُراد پنهنجي دل ۾ رکي، مون اها مُراد رکي تہ مون کي حضرت سيّدُنا شيخ ابن عَلا رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان حسين بن منصور حلّاج رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مَناجات ۾ اشعار گهرجن. ٻئي هيءَ مُراد سوچي تہ مون کي تِريءَ جي بيماريءَ مان شفا حاصل ٿي وڃي. ٽئين چيو تہ مون کي برفي کائڻ جي خواهش آهي، جڏهن اسان خدمت ۾ حاضر ٿياسين تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **حضرت سيدُنا حسين بن منصور حلّاج** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جا اشعار ۾ مُناجات لکرائي کري منهنجي لاءِ تيار رکيا هئائون، جيکي مونکي عطا فرمائي ڇڏيائون، ٻئي درويش جي پيٺ تي هٿ گهمايائون تہ ان جي تِريءَ جي تکليف دور ٿي ويئي، ٽئين کي فرمايائون تہ برفي شاهي دربارن جي غذا آهي جڏهن تہ توهان صوفياڻو لباس پاتو آهي، تنهنکري ٻنهي مان هڪ شيء اختيار ڪريو. (کشف المحجوب،باب آدابهم فی الصحبة فی الاقامة ،ص ۳۸۴ )

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ جي عطا سان اولياءُ اللّٰه ماڻهن جي دلين جا احوال ڄاڻي وٺندا آهن، تڏهن ئي تہ حضرت سيّدُنا شيخ ابن علا رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بغير پڇڻ جي داتا گنج بخش حضرتِ سيّدُنا علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ۽ سندن ساٿين جون **دلي مُرادون** بيان ڪيون ۽ ٻن جون مُرادون پوريون ڪري ٽئين کي اصلاح جو **مدني گل** عطا فرمايائون. معلوم ٿيو تہ جڏهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ولي جي بارگاهہ ۾ حاضري ٿئي تہ دل سنڀالڻ گهرجيءِ تاحيات انهن اولياء ڪرام جي عقيدت ۽ مَحَبَّت کي دل ۾ قائم رکڻ گهرجي ائين نہ ٿئي جو ٻانهو ڪجھ عرصو انهن جي صحبت ۾ رهي انهن کان تربيت ماڻي انهن کي حقير سمجهڻ لڳي، جيڪڏهن ڪو ائين ڪري يا دل ۾ بہ اهڙو سوچي جو انهن اولياء ڪرام جي فيضان سان محرومي سان گڏوگڏ سخت نُقصان بہ کڻندو آهي، جيئن تہ

## مرشد کان بداعتقادي سبب چھرو ڪارو ٿي ويو

حضرت جُنيد بغدادي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو ھڪ مريد ڪائنس ڪجھ بداعتقاد ٿي ويو ۽ ھي سمجھيائين تہ ان کي بہ مقام معرفت حاصل ٿي ويو آھي. ھاڻي ڪيس مرشد جي ضرورت ناھي رھي، تنھنڪري ھو خاموشي سان حضرت سَيدُناجنيد بغدادي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي بارگاھ مان منھن موڙي ھليو. پوءِ ھڪ ڏينھن ھي ڏسڻ ۽ آزمائڻ آيو تہ چا حضرت سَيدُنا جنيد بغدادي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه ان جي دل جي خيالن کان آگاھ آھن يا نہ؟ ھوڏانھن حضرت سَيدُنا جنيد بغدادي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه بہ نُورِ فراست سان ان جي حالت مُلاحظ ڪري ورتي. پوءِ جڏھن ھو مُريد آيو ۽ پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه کان ھڪ سوال پڇيو جنھن جو ھي جواب ارشاد فرمايائون:" ڪھڙو جواب چاھين ٿو، لفظن ۾ يا معني ۾؟ چيائين: ٻنھي ۾ تہ پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمايائون: جيڪڏھن لفظي جواب چاھين ٿو تہ ٻڌ! جيڪڏھن مون کي آزمائڻ کان پھريان پاڻ کي آزماءِ ۽ پرکي وٺين ھا تہ تو کي مون کي آزمائڻ جي ضرورت پيش نہ اچي ھا ۽ نہ ئي تون ھتي مون کي آزمائڻ اچين ھا. معنوي جواب ھي آھي تہ مون تو کي ولايت جي منصب کان لاھي ڇڏيو." ھي لفظ نڪتا ۽ ان مريد جو چھرو ڪارو ٿي ويو. ھو آھو و زاري ڪندي عرض گذار ٿيو: حضور يقين جي راحت منھنجي دل مان وڃي رھي آھي. پوءِ توبہ ڪئي ۽ فُضُول ڳالھين تي بہ ندامت جو اظھار ڪيو تہ حضرت سيدنا جنيد بغدادي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه ارشاد فرمايائون: توکي خبر ناھي تہ اولياء واقفِ اسرار ھوندا آھن تو ۾ ان جي ضرب جي برداشت ناھي. (کشف المحجوب، ص ۱۳۷)

اسان کي بہ گھرجي تہ ڪنھن ولي کي ھرگز نہ آزمايون نہ ڪنھن ولي کان بد ظن ٿيون ۽ نہ ئي دل ۾ ڪنھن ولي اللّٰہ جي دشمني رکون سردارِاوليا و انبيا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ارشادفرمائي ٿو: "مَنۡ عَادَی لِی وَلِيًّا فَقَدۡ اٰذَنۡتُهٗ بِالۡحَرۡبِ" يعني "جنھن منھنجي ڪنھن ولي سان دشمني ڪئي مان ان سان

www.dawateislami.net

جنگ جو اعلان ڪيان ٿو.“ (بخاري،ڪتاب الرقاق،باب التواضع... الخ ،۴/ ۲۴۸،حديث:۶۵۰۲)

الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي دلين ۾ تاحيات اولياء ڪرام جو ادب واحترام قائم رکي ۽ انهن جي شان ۾ بي ادبي ڪرڻ وارن جي بري صحبت کان محفوظ فرمائي.

اٰمِيۡن بِجاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِيۡن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

محفوظ سدا رکھنا شہا بے ادبوں سے
اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بے ادبی ہو

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب ! صلَّی اللہ تعالٰی علٰی محمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن سان بُغض رکڻ، انهن جي شان ۾ بي ادبي ڪرڻ، انهن کي طرح طرح سان سَتائڻ، انهن جي مال ۽ جائداد تي قبضو ڪري انهن کي تڪليف پهچائڻ سراسر ناداني ۽ دنيا وآخرت جي بربادي جو سبب آهي. هنن پاڪ هستين جي شان وعظمت ته اهڙي بُلند ۽ اوچي آهي جو جيڪڏهن ڪنهن مُعاملي ۾ سيئي ماڻهو انهن جي خلاف گواهي ڏيڻ جي لاءِ مُتحد ٿي وڃن پر الله عَزَّ وَجَلَّ انهن جي صداقت ۽ اَمانت جي گواهي جي لاءِ ضرور ڪو سبب پيدا فرمائي ڇڏيندو آهي جنهن سان انهن جي شان ۽ عظمت ، عزت ۽ شُهرت ماڻهن جي دلين ۾ مزيد اُجاگر ٿي ويندي آهي، جيئن ته

## زمين شاهدي ڏني:

هڪ شخص شهر جي حاڪم جي عدالت ۾ حضرت بابا فريدُالدين مسعود گنج شڪر رَحۡمَةُ اللهِتَعَالي عَليه جي زمين تي مِلڪيت جي ناجائز دعوي ڪري ورتي ، پوءِ حاڪم پاڻ رَحۡمَةُ اللهِتَعَالي عَليه وٽ پيغام موڪليو ته زمين جي ملڪيت جو ثُبوت پيش ڪيو؟ پاڻرَحۡمَةُ اللهِتَعَالي عَليه فرمايائون: ماڻهن کان پڇي ونو ته هي

زمين ڪنهن جي آهي؟ حاڪم جواب سان مطمئن نہ ٿيو ۽ ثبوت پيش ڪرڻ جي تقاضا ڪيائين. حضرت بابافريدُالدين گنج شڪر رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰي عَلَيہ فرمايائون: مون وٽ نہ تحريري ثبوت آهي نہ ڪو شاهد، جيڪڏهن تحقيق دَرڪار آهي تہ زمين جي انهيءَ خِطي کان پڇي وٺو. حاڪم هي جواب ٻڌي سخت حيران ٿيو، لهٰذا خود ان اَراضي تي ويو ايستائين جو ماڻهن جو وڏو ميڙ گڏ ٿي ويو. حاڪم زمين کان پڇيو: اي زمين! ٻڌاءِ تنهنجو مالڪ ڪير آهي؟ زمين وڏي آوازِ سان چيو: مان وڏي عرصي کان حضرت بابا فريد گنج شڪر (رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰي عَلَيہ) جي ملڪيت ۾ آهيان. اهو ٻڌندي ئي حاڪم ۽ تمام حاضرين حيران رهجي ويا.

(سير الاقطاب مترجم ، ص ۱۹۴)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان معلوم ٿيو تہ اللّٰہ وارا زمين تي بہ تَصرُّف ڪري سگهن ٿا ۽ ضرورت پوڻ تي زمين کي حڪم فرمائي ان کي پنهنجي حق ۾ گواهہ بڻائي وٺندا آهن ۽ هي مدني گل بہ سکڻ لاءِ مليو تہ ڪڏهن بہ ڪنهن جي جائداد ۽ مال تي ناحق قبضو نہ ڪرڻ گهرجي. اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ سيپاري 2سُوْرَةُ الْبَقَرَہآيت نمبر188 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَلَا تَاْكُلُوْۤا اَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ

ترجموڪنزالايمان :۽ پاڻ ۾ هِڪ ٻِئي جو مال ناحق نہ کائو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن آيتِ مُبارڪ ۾ ناجائز طريقي سان ڪنهن جو مال کائڻ کي حرام قرار ڏنو آهي . ان جون مختلف صورتون آهن: ڪنهن جو مال غصب ڪرڻ، ڪنهن جو مال قرڻ، لَهو ۽لَعِب(راند روند جي نتيجي ۾ ٻين جو مال وٺي وٺڻ، جيئن جُوا جي ذريعي مال حاصل ڪرڻ، يا ڳائڻي جو ڳائڻ وڄائڻ ڪري ان جي اُجرت وٺڻ، رشوت وٺڻ، ٻي جي مال ۾ خيانت ڪرڻ، هي آيت هنن تمام قسمن جي ڪمن کي شامل آهي.

( تفسير البغوي،پ۲،سورة البقرة،تحت الآية:۱۸۸، ۱/ ۱۱۴ )

www.dawateislami.net

افسوس صد افسوس! اڄڪلھ مسلمان پنھنجي اَنجام کان بي خوف ٿي ظلم ۽ زيادتي ڪرڻ، ڌمڪيون ڏئي ماڻھن وٽان رقم جو مُطالبو ڪرڻ، انھن جي مال ۽ جائداد تي قبضو ڪرڻ، چوري، ڌاڙو دهشت گردي ۽ قتل و غارتگري جھڙن گناھن ۾ مبتلا ٿي خبر ناھي ڪھڙي ڪھڙي طرح مسلمانن جي حقن کي پامال ڪري رھيا آھن. ياد رکو! ظلم جو انجام نهايت ئي ڀيانڪ ۽ خطرناڪ آھي، ظالم شَخص آخرت ۾ تہ عذاب جو شڪار ٿيندو ئي آھي پر اڪثر ڏٺو ويو آھي اھڙو شخص دنيا ۾ بہ ڪيئي دردناڪ حالتن جو شڪار ٿيندو آھي. حضرتِ ابوموسيٰ اشعري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه کان روايت آھي، سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايائون: بيشڪ الله عَزَّ وَجَلَّ ظالم کي مهلت ڏيندو آھي ايستائين جو جڏھن ان کي پنھنجي پڪڙ ۾ وٺندو آھي تہ پوءِ ان کي ناھي ڇڏيندو. ھي فرمائي سرڪارِ نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سيپاري 12 سوره ھود جي آيت 102 تلاوت فرمائي:

وَ كَذٰلِكَ اَخْذُ رَبِّكَ اِذَاۤ اَخَذَ الْقُرٰى وَ هِیَ ظَالِمَةٌؕ اِنَّ اَخْذَهٗۤ اَلِیْمٌ شَدِیْدٌ﴿۱۰۲﴾

ترجمو ڪنزُالايمان: ۽ اِھڙي ئي طرح پڪڙ آھي تُنھنجي رب جِي جڏھن ڳوٺن کي پڪڙي ٿو اُنھن جي ظلم تي، بيشڪ اُن جِي پڪڙ سخت دردناڪ آھي.

(صحيح بخاري، ۳/۲۴۷، حديث:۴۶۸۶)

الله عَزَّ وَجَلَّ اسان کي مسلمانن سان حُسنِ سُلُوڪ سان پيش اچڻ ۽ انھن تي ڪنھن بہ طرح سان ظلم ۽زيادتي کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## اولياء ڪرام وفات کان بعد به نفعو پهچائن ٿا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جا مقبول ٻانها جڏهن ان جي احڪام تي عمل جي ذريعي ان جي رضا ۽ خُوشنودي حاصل ڪري وٺندا آهن ته رَبّ ذُوالجلال پنهنجي قدرت ۽ ڪمال سان دنيا ۾ ته انهن کي بي مثال عُروج ۽ ڪمال سان نوازيندو ئي آهي بلڪ هي بزرگ وِصال کان پوءِ به ماڻهن تان رنج ۽ ملال کي پري ڪرڻ جي قُدرت بي مثال رکن ٿا. اولياء ڪرام کي جيڪي طاقتون زندگي ۾ حاصل ٿينديون آهن اهي مرڻ کان بعد نه صرف باقي رهن ٿيون بلڪ انهن ۾ وڌيڪ اضافو ٿي ويندو آهي ڇوته اولياء ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰی ربِّ ڪائنات عَزَّ وَجَلَّ جي عنايتن سان مَزارن ۾ نه صرف حيات هوندا آهن بلڪ زائرين جي هدايت ۽ اِعانت (مدد) به ڪندا آهن . حضرت سَيدُنا امام اسماعيل حقي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: انبياء، اولياء ۽ شهداء جا جسم قبرن ۾ به نه ڪي مُتغَير ٿيندا آهن ۽ نه ئي بوسيده ٿيندا آهن، ڇاڪاڻ ته الله عَزَّ وَجَلَّ انهن جي جسمن کي ان خرابي کان جيڪا گوشت جي ڳرڻ سَڙڻ سان پيدا ٿيندي آهي، محفوظ رکيو آهي. (تفسير روح البيان،پ١٠،التوبة،تحت الاية:۴١، ۴٣٩/٣)

حضرت سيدنا امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: جنهن کان حياتي ۾ مدد طلب ڪري سگهجي ٿي انهن تمام کان وفات بعد به مدد طلب ڪري سگهجي ٿي. مشائخ عظام رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰی جو فرمان آهي: چار بُزرگ اهي آهن جيڪي ساڳي طرح تَصَرُّف فرمائن ٿا جيئن پنهنجي زندگي ۾ تصرف ڪندا هئا (اهي وفات کان بعد حياتي کان) ڪيئي ڀيرا وڌيڪ تصرف فرمائن ٿا: حضرت سيدنا مَعروف ڪرخي حضرت سَيدُنا شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيهما ۽ به انهن کان علاوه (حضرت سَيدُنا شيخ عقيل منجبي ۽ حضرت سَيدُنا شيخ حيا بن قيس الحراني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيهما) آهن. (بهجةالاسرار، ص ١٢۴،لمعات التنقيح ، كتاب الجنائز،باب زيارة القبور،۴ /٢١۵، تحت الباب:٨)

اچو! انهيءَ ضمن ۾ به اهڙا ايمان افروز واقعا پڙهون ٿا جنهن ۾ اولياء ڪرام بعدِ وصال پنهنجي مزارن تي حاضري ڏيڻ وارن جي حاجت روائي فرمائي، جيئن ته

## وصال بعد حاجت روائي

حضرت شيخ عمرفاروقي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: مون کي ڪيئي ڀيرا امام رفاعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه جي مزارِ اقدس تي حاضري جي سعادت نصيب ٿي، هڪ ڀيري ته ائين به ٿيو ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه قبر مبارڪ مان وڏي آواز سان منهنجي هڪ حاجت جي باري ۾ فرمايو: وڃ! تنهنجي حاجت پوري ڪئي وئي.

(جامع ڪرامات الاولياء،۱/۴۹۱)

## قرض معاف ٿي ويو

حضرتِ سَيِدُناحميدي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو مون تي قرض هو، انهيءَ پريشاني جي عالَم ۾ مان حضرتِ سَيِدُنا محمد بن جعفر حسيني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه جي مزار شريف تي حاضر ٿيس، ۽ اتي ويهي ڪجھ دير قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪئي ۽ روئي پيس، هڪ زائر (يعني مزار جي زيارت جي لاءِ ايندڙ) منهنجو روئڻ ٻڌي ورتو ۽ مون کي ڪجھ سون ڏنو ۽ چيو: هن صاحبِ مزار جي خاطر هي سون وٺو. مون اهو سون ورتو ۽ هلڻ لڳس، اڃا ڪجھ ئي قدم هليو هئس ته منهنجو قرض خواهه اچي ويو، مون کي ڏسي مُرڪي چيائين: هي سون ان زائر کي واپس ڪري ڇڏيو ڇوته مان اَجر ۽ ثواب جو ان جي مقابلي ۾ وڌيڪ حق دار آهيان. مون قرض خواهه کان ان مُعافي جو سبب پڇيو ته اوهان کي منهنجو خيال ڪنهن ٻڌايو آهي؟ هو چوڻ لڳو: مون هن قبر واري بُزرگ کي خواب ۾ ڏٺو، انهن مون کي چيو ته جيڪڏهن تون حميدي سان دَر گُذر ڪندين ته مان تو کي جنّت ۾ محل ڏياريندس، پوءِ ان قرض خواهه نه رڳو منهنجو قرض مُعاف ڪري ڇڏيو بلڪ مون کي وڌيڪ ڇهه دِرهم به ڏئي ڇڏيا.

(جامع ڪراماتِ اوليا،ذڪر محمد بن جعفر الحسيني،۱/۱۷۲)

## مزارن جي حاضري برڪتن جو سبب آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَولِياءُ اللّٰه جي مزارن جي حاضري جي برڪت سان دُعائون قبول ٿينديون آهن، مُشڪلات ۽ مَصيبتن کان نجات ملندي آهي ۽ خاص ان نظريي سان اولياء ڪرام رَحِمَهُمُ الله تَعَالٰي جي مزارن تي وڃڻ تہ خود اسان جي اسلاف جو طريقو رهيو آهي. جيئن حضرت سَيدُنا داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا هڪ ڀيرو مون کي هڪ (ديني) مُشڪل درپيش ٿي، مون ان جي حل جي ڪوشش ڪئي پر ڪامياب نہ ٿيس، ان کان پهريان بہ مون تي اهڙي ئي مُشڪل آئي هئي تہ مون حضرتِ شيخ بايزيدرَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه جي مزار شريف تي حاضري ڏني هئي ۽ منهنجي اها مُشڪل آسان ٿي وئي هئي.

حضرت سيدُنا يحييٰ بن سليمان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا تہ مون کي هڪ حاجت هئي ۽ مان ڪافي تنگدست بہ هئس. مون حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه جي قبرِ اَنور تي حاضري ڏني، ٽي ڀيرا سوره اِخلاص جي تلاوت ڪئي ۽ ان جو ثواب پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه ۽ سڀني مُسلمانن جي روحن کي بخش ڪيو پوءِ پنهنجي حاجت بيان ڪئي. جيئن مان اتان کان واپس موٽيس منهنجي حاجت پُوري ٿي چڪي هئي.[1]

## ڪجھ رسالن جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي خاص فضل ۽ ڪرم سان حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمجي امت ۾ اهڙا اهڙا عظيم شخص پيدا ٿيا جنهن جو طرزِ عمل اسان لاءِ مشعلِ راه آهي. انهن اللّٰه وارن جي اخلاق ۽ انهن جي سيرت بابت پڙهڻ، پڙهائڻ، ٻڌڻ، ٻڌائڻ ۽ ان کي اپنائڻ مسلمانن جي دين ۽ دنيا کي سنوارڻ جو هڪ ذريعو آهي. ان اللّٰه وارن پنهنجون زندگيون ڪهڙي رنگ ۾ گذاريون،

---

[1] ... الروض الفائق،المجلس الرابع والثلاثون الخ، ص١٨٨

www.dawateislami.net

انهن جا ڏينهن رات ڪيئن گذرندا هئا، انهن جو هڪ هڪ لمحو ڪهڙي طرح گذرندو رهيو، انهن ڳالهين جو جواب دل جي ڪنن سان ٻڌي وڃجي ۽ پوءِ ان کي پنهنجو دستورُالعمل بڻايو وڃي ته يقيناً اسان جون پريشانيون پري ٿي سگهن ٿيون ۽ رنج ۽ مصيبتن ۾ قاتل دنيا حقيقي مسرتن ۽ سچي خوشين سان آشنا ٿي سگهي ٿي. ولين جي سردار، حضورِ غوثِ پاڪ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي سيرت جو مطالعو ڪرڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جا ڪجھ رسالا ”جِنَّات جو بادشاھ، نانگ جهڙو جن، مُنَّي جو لاش، غوثِ پاڪ جا احوال“ جو مطالعو ڪرڻ بي حد مفيد رهندو. هنن رسالن ۾ اوهان پڙهي سگهندو سرڪار غوث ِ پاڪ جي ننڍپڻ جا احوال ۽ واقعا، اولياء ڪرام رَحِمَهُمُ اللہُ السَّلَامُ حيات هوند آهن ان جو قرآن ۽ حديث مان ثبوت، ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيه جو اختيار ۽ ڪرامتون، مرشد جا حقوق ۽ آداب چا چا آهن ۽ ان کان سواء گهڻو ڪجھ سکڻ لاءِ ملندو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ اڄ اسان اللّٰه وارن جي اختيارات جي باري ۾ بيان ٻڌو،

- اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها پريشان حالن جي حاجت روائي ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي اختيار سان مٽي کي سون بڻائي ڇڏيندا آهن.
- اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها ان جي ڏنل قوت سان مردي به زنده ڪري سگهن ٿا.
- اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها پاڻي ۾ آساني سان هلي سگهن ٿا ۽ هوا ۾ بنا پرن جي اڏامي سگهن ٿا.

- اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها اهڙا مستجاب الدعوات هوندا آهن جو انهن جون دعائون رد نہ ڪيون وينديون آهن.
- اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها چاهي ڪيتري ئي طويل مسافت تي موجود هجن حالتِ نزع ۾ شيطان کان اسان جو ايمان بچائيندا آهن.
- اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جي بارگاهہ ۾ پنهنجي دلين کي قابو ۾ رکڻ گهرجي ڇوتہ هي نيڪ هستيون دلين کان بہ باخبر هونديون آهن.
- اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها زندگي ۾ تہ ماڻهن کي نفعو پهچائيندا آهن وفات بعد بہ پريشان حالن جي دستگيري ڪندا آهن .

تنهنڪري اسان کي اللّٰه جي انهن برگزيده ٻانهن جي باري ۾ حسنِ ظن رکندي انهن جو ادب ۽ احترام ڪرڻ گهرجي، انهن جي سيرت جو مطالعو ڪري انهن جي نقش قدم تي هلڻ گهرجي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۱/۹۷،حديث:۱۷۵)

سینہ تری سنت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ”ڪرم يارسولَ اللّٰه“ جي تيرهن اکرن جي نسبت سان پاڻي پيئڻ جا 13 مدني گل

**ٻه فرمان مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: (1) اُٺ وانگر هڪ ئي ساهي ۾ نه پيو، بلڪ ٻه يا ٽي ڀيرا (ساهه ڪٽي) پيئو ۽ پيئڻ کان اڳ ۾ بِسْمِ اللہ پڙهو ۽ پيئڻ کان پوءِ اَلْحَمْدُ لِلّٰہ چوندا ڪريو. (ترمذي ج 3 ص 352 حديث 1892) (2) نبيِّ اَڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٿانوءَ ۾ ساهه کڻڻ يا ڦوڪ ڏيڻ کان منع فرمايو آهي (ابو داؤد ج 3 ص 474 حديث 3728)

مُفَسّر شَهير، حڪيمُ الاُمت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحمۃُ الحَنّان هن حديث شريف تحت فرمائن ٿا: ٿانوءَ ۾ ساهه کڻڻ جانورن جو ڪم آهي، ۽ ساهه ڪڏهن زهريلو پڻ هوندو آهي انهي ڪري ٿانوءَ مان وات پري ڪري ساهه کڻو (يعني ساهه کڻڻ مهل گلاس جدا ڪيو) گرم کير يا چانهه کي ڦوڪن سان ٿڌو نه ڪيو بلڪ ڪجهه دير صبر ڪري ڪجهه ٿڌي ٿيڻ تي پيئو (مراٰة ج 6 ص 77) البت دُرود پاڪ وغيره پڙهي شِفا جي نيّت سان دم ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي ❁ پيئڻ کان پهرين بِسْمِ اللہ پڙهو ❁ چوسي ڪري ننڍا ننڍا ڍُڪ پيو، وڏا ڍُڪ ڀَرڻ سان جگر جي بيماري پيدا ٿيندي آهي ❁ پاڻي ٽنئي ساهه ۾ پيئو ❁ ساڄي هٿ سان ۽ ويهي پاڻي پيئو ❁ ڪوئنري وغيره مان وضو ڪيو ته ان جو بچيل پاڻي پيئڻ 70 بيمارين کان شِفا آهي ۽ اهو آبِ زمزم شريف سان مشابهت رکي ٿو، ان ٻنهي (يعني وضو جو بچيل پاڻي ۽ آب زمزم شريف) کان علاوه ٻيو ڪو به پاڻي ويهي ڪري پيئڻ مڪروه آهي. (فتاويٰ رضويه ج 4 ص 575، ج 21 ص 669) اهي پاڻي قبلي ڏانهن منهن ڪري پيئو ❁ پيئڻ کان پهرين ڏسو ته پيئڻ جي ٿانوءَ ۾ ڪا نقصان واري شيء وغيره ته ناهي (اتحاف السادة للزبيدي ج 5 ص 594) ❁ پاڻي پيئڻ کان پوءِ اَلْحَمْدُ لِلّٰہ

چئو ❁ حُجَّةُ الاسلام حضرت سيِّدُنا امام محمد بن محمد غزالي رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ فرمائن ٿا: بِسْمِ الله پڙهي پيئڻ شروع ڪري پهرين ساهي جي آخر ۾ اَلْحَمْدُلله ٻي ڪان پوءِ اَلْحَمْدُلله رَبِّ الْعٰلَمِيْن ۽ ٽين ڪان پوءِ اَلْحَمْدُلله رَبِّ الْعٰلَمِيْن الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهي. (احياءُالعلوم ج 2 ص 8) ❁ گلاس مان بچيل مسلمان جي اُوبر وارو صاف پاڻي ڪي استعمال لائق هجڻ جي باوجود هروڀرو اڇلائڻ نہ کپي ❁ منقول آهي: سُؤرُ المُؤمِنِ شِفاءٌ يعني مسلمان جي اوبر ۾ شِفا آهي. (الفتاويٰ الفقيهة الكبريٰ لابن حجر الهيتمي ج 4 ص 117، كشف الخفاء ج 1 ص 384) ❁ پيئڻ جي ڪجھ گھڙي بعد خالي گلاس کي ڏسندا تہ ان جي ديوارن مان ڪجھ قطرا هيٺ جمع ٿي چڪا هوندا ان کي بہ پي ڇڏيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”**سنتين ۽ آداب**“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ

الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،[2]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِمدينهصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[3]

---

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

[3]...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[4]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِي عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰه

حضرت اَحمدصاوِي رَحمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[5]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابَهٴ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته ائين پڙهندو آهي.[6]

---

[4] ...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

[5] ...افضل الصلوات علی سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149

[6] ...القول البديع،الباب الاول،ص125

www.dawateislami.net

## (6)دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَة

شافِعِ اُمَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[7]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[8]

## (1) ڄڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جنهن هن دعا کي 3 پيرا پڙهيو تہ ان ڄڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[9]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[7] … الترغيب والترهيب،كتاب الذكر و الدعاء،٣٢٩/٢،حديث:٣٠

[8] … مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

[9] … تاريخ ابنِ عساكر،١٥٥/١٩،حديث:۴۴١۵

www.dawateislami.net

**(....هفتيوار اجتماع جا اعلانات....) 2 ربيع الاخر 1438 ھ، 5 جنوري 2017**

**فيضان مدني مذاڪرو جاري رهندو...... فيضان مدني مذاڪرو جاري رهندو.......**
**فيضان مدني مذاڪرو جاري رهندو.......**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جمعرات آهي، ايندڙ ڇنڇر جو يعني 7 جنوري، بعد نمازِ عشاء تقريباً 08:15 بجي هفتيوار مدني مذاڪري جو آغاز تلاوتِ قرآنِ پاڪ ۽ نعتِ رسولِ پاڪ سان ٿيندو ۽ وقتِ مناسب پر شيخ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **سوالن جا جواب عنايت فرمائيندا.** اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ . **"تمام عاشقانِ رسول پنهنجي ڊويزن ۽ علائقي ۾ ٿيڻ واري اجتماعي مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ اوّل تا آخر شرڪت جي سعادت حاصل ڪريو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ هن جي دعوت ڏئي، ترغيب ڏياري گڏ آڻڻ جي ڪوشش فرمايو"**

**امير اهلسنت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **جو نئون رسالو "جنّات جو بادشاهہ" مڪتبة المدينہ کان شايع ٿيو آهي، هن رسالي ۾ ڇا آهي؟ ٻڌو! () غوثِ پاڪ جو ديوانو () فرمانِ غوثِ اعظم "دل منهنجي مُٺي ۾ آهي" () نمازِ غوثيہ جو طريقو () ڇا حضرت عيسٰي** عَلَيْهِ السَّلَام **بہ ٻين کان مدد گهري؟ () ڇا نيڪ ٻانها بہ مددگار هوندا آهن؟ () امامِ اعظم** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه **جن سرڪار** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **کان مدد گهري () امام بوصيري مدد گهري..... ۽ ان کان علاوہ وڌيڪ مفيد معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ امير اهلسنت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **جو رسالو "جنّات جو بادشاهہ" جو پاڻ بہ مطالعو ڪريو، هن رسالي کي گهر گهر/ دڪان دڪان پهچائڻ جي نيت سان هي رسالو تقسيم ڪريو. وڏي سائز 11 روپيہ هديو ننڍي سائز 5 روپيہ هديو**

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! **مجلسِ تراجم جي طرف کان هن رسالي جو 20 زبانن ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. جن مان ڪجھ هي آهن: "انگلش، هندي، رومن ، سنڌي، بنگالي، گجراتي، وغيره". هي رسالو دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ** (www.dawateislami.net) **تان ڊائون لوڊ ۽ پرنٽ آئوٽ ٿي سگهي ٿو.**

**رسالو: پيارے مرشد: (حياتِ غوثِ اعظم جي ڪجھ گوشن ۽ نيڪي جي دعوت جي لاءِ اوهان جي خدماتِ جليلہ تي مشتمل مدني گلدستو بنام "پيارے مرشد") 18 روپيہ هديو**

**ڪتاب: الله والوں کی باتیں جلد 4: (هن ۾ اوهان پڙهندو: الله وارن جي زندگي جا مختلف واقعات) 230 روپيہ هديو**

# هفتيوار اجتماع جي حلقن جو جدول

## (اختتام تي مدني انعامات جي رسالي مان فڪرِ مدينہ ڪرائي وڃي)

| تاريخ | سنّتون، آداب ۽ فضائل جو بيان مع حوالو | دعا مع حوالو | فڪرِ مدينہ |
|---|---|---|---|
| 5 جنوري 2016 | مسواڪ جا 20 مدني گل (163 مدني گل، ص. 33) | علم ۾ اضافي جي دعا (مدني پنج سوره، ص. 208) | مدني انعامات جي رسالي مان فڪرِ مدينہ ڪرائي وڃي |
| 12 جنوري 2017 | هلڻ جون 15 سنتون ۽ آداب (163 مدني گل، ص. 5) | مصيبت زده کي ڏسي پڙهڻ جي دعا (مدني پنج سوره، ص. 209) | |

**عشاء جي جماعت جو اعلان: تمام شرڪاءِ اجتماع عشاء جي نماز، باجماعت ادا ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريو.**

www.dawateislami.net